آمنہ سومرو

# انيس انصاري: هڪ گهڻ رخو شاعر

## ANEES ANSARI A MULTIDIMENSIONAL POET

ABSTRACT

*Poetry is the music of soul…the art of uniting pleasure with truth… the universal language which the heart holds with nature and itself.* In this content we may say that Anis Ansari was a prominent poet of Sindhi language. Beside a good poet; He was also short story writer, researcher and translator. Who served Sindhi language and literature for many years. His poetry keeps an appeal in it-self. Appeal; which reveals the inner feelings of the person. In his poems Anis depicts the actual conditions and their different aspects affecting the highly sensitive person of the society who suffer a lot.

*We may observe the romance and resistance, love and loyalty, pain and pathos at the same time in his poetry.* In this article we have discovered the different aspects of his poetry.

شاعري اندر جي جذبن ۽ امنگن جو بي ساختو اظهار هوندو آهي. شاعري فرد جي اها سرگرمي هوندي آهي، جنهن وسيلي فرد پنهنجي فن جي آڏار تخيل جي اعليٰ ترين سطح تي پهچي ويندو آهي. شاعريءَ کي روح جي موسيقي بہ سڏيو ويو آهي تہ شاعري کي اهو فن پڻ سڏيو ويو آهي جيڪو مسرت ۽ سچائي کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. هيءَ اها آفاقي ٻولي آهي، جنهن ۾ دل جو ڏڙڪو بہ هوندو آهي تہ اڪين جون امنگون ۽ روح جون خواهشون بہ هونديون آهن.

شاعري فرد جي جمالياتي سرگرمي آهي، جنهن ۾ فرد پنهنجي اندر جي احساسن ۽ جذبن کي فنڪاراڻي انداز ۾ پيش ڪري ٿو. شاعري پنهنجي فني توڙي فيلسوفياڻي جهت ۽ اصليت سبب جلد مقبوليت ماڻي وٺي ٿي. شاعري کي انسانيت جي مادري ٻولي پڻ چيو ويو آهي.

Poetry is the mother-tongue of the human race. ii

انيس انصاريءَ جي شاعري هڪ اعليٰ شعور جي حامل شاعر جي شاعري آهي. سندس شاعريءَ ۾ انسان دوستي بہ آهي تہ انسانن جي اهنجن جو اظهار بہ آهي تہ اپٽار پڻ آهي. هو هڪ اهڙو سچو ڪلاڪار لڳي ٿو جنهن جي

ڪلا ۽ فن انسانن جي اهنجن ۽ تڪليفن جي تصويرڪشي تي محيط آهي، سندس شاعريءَ ۾ اهڙو تہ سگھارو ابلاغ آهي جو هڪ پاسي سندس نظم موضوع جي جڙ ۾ سندس سنئين سڌي تصوير پيش ڪندي فن جو اعليٰ نمونو پائنجن ٿا تہ ٻي پاسي سماجي اڻبرابري ۽ اوڻاين جي اها تصوير شاعر جي فڪر کي وائکو ڪري ٿي. سندس نظم "ڪلارڪ" هيٺين طبقي جي اهڙي واضح تصوير پيش ڪري ٿو، جنهن جي مدد سان ڪو قابل مصور سندس لفظن جي آڌار هڪ تصوير ٺاهي سگھي ٿو. يعني فني طرح هو هڪ مصور شاعر آهي ۽ فڪري طرح هو هڪ اهڙو فلسفي ۽ ڏاهو آهي، جنهن کي پنهنجي ڌرتيءَ ڄاين جي ڏک، اهنج، درد ۽ تڪليف جو اونو خيال ۽ ڳڻتي آهي.

### ڪلارڪ

بانس جي لڪڙين جو نهيل هڪ ماڻهو
خون جنهن ۾ ذرو ڀي ناهي
شام جو پنهنجي اٿيو دفتر مان
نور نچوئي ڪاغذ ناهي

ٽڳڙين پوش پيرين اگھاڙي ٻچڙي
پيءُ کي موڙ تان ايندي جو ڏٺو
ڊوڙندي ڊوڙندي ماءُ کي وجي ڳالهہ ڪئي
بوٽ منهنجو نئون بابا آ، آندو شايد
ڳنڍ هڪ بابا جي هٿن ۾ آهي.

چوپيل چوسيل هو ڪمند جو چوپو
رس نہ رهي جنهن ۾ ڪا حلاوت باقي
پيٽ خالي ۽ انگ اگھاڙي عورت
خود نسائيت کي آهي شرم جنهن تي
مرڪندي پٽ کي چيو بوٽ نہ آهي ٻچڙا
ان ڳنڍ ۾ ٻک دور ڪوٽ جو سامان آهي
ڪجھہ اٽو ۽ چانور ٿورا.

۽ هوخان ڪش زردرو انسان
انسانيت بہ جنهن کان وحلور وجي

جنهن جي صحيح وصف ڪلارڪ آهي
ڳنڍ ڪي کوليو اڇي پنهنجي گهر ۾
ان کي اڃا ڪجهه ڪم ڪرڻو آهي

انيس انصاري لکي ٿو:

ڏٺو مون بندگيءَ ۾ هڪ مقام آ
جتي حاصل خدائي ٿي رهي آ
جبين شوق ۾ سجدا ٿا تڙپن
سندس درتي رسائي ٿي رهي آ
اچي ٿو طور تي موسيٰ کي غش چو
ڇا ڪنهن جي رونمائي ٿي رهي آ
اچي خود خضر ٿيو آهي مسافر
عجب اڄ رهنمائي ٿي رهي آهي
گناهن جي معافي بار ويتر
عطائن کان ڦڪائي ٿي رهي آهي
ڏٺو مون عرش کي آ زلزلي ۾
ڪا آهن جي رسائي ٿي رهي آ
ڏسي اعمال نامو ڏائي هٿ ۾
گناهن کان شڪائي ٿي رهي آ
مرڻ ئي زندگي جي ابتدا آ
قفس مان اڄ رهائي ٿي رهي آ
انيس آ زلزلو باهه حرم ۾
بتن جي اڄ خدائي ٿي رهي آ.

”ادبي فڪر صبح جي ٿڌڙي هير وانگر آهي، جيڪا هر طرف گهلي ٿي، دنيا جي هر ڪنڊ هر پاسي اها هير هلي ۽ گهلي ٿي، اسان چئون ٿا ته اها ڏکڻ جي ٿڌڙي هير صرف اسان وٽ آهي، اونهاري جي مينهن ۾ مچر صرف اسان جو آهي، ڪڪرن جون قطارون ۽ ٻڪراڙ ڪنوڻ جو تجلو صرف اسان کي ئي نصيب ٿئي ٿو، پر ايئن ناهي، اها نيچرل فنامنا وانگر هر هنڌ موجود آهي، ڳالهه صرف محسوس ڪرڻ جي آهي، جيڪو به فرد تجربو محسوس ڪندو جيڪڏهن فنڪار هوندو ته هو ان جو اظهار ڪندو.“

انيس انصاري هڪ حساس فنڪار آهي، جيڪو پنهنجي فن جي

باليدگين وسيلي مختلف شين کي ايڪسپلور ڪري ٿو. هن وٽ فطري منظرن جو بيان بہ آهي تہ ماڻهپي جو ثمر پڻ، هو بک ۾ افلاس جي ڳالهہ بہ ڪري ٿو تہ قومي ۽ اجتماعي اهنجن تي پڻ قلم کڻي ٿو.

انيس انصاريءَ وٽ قومي جاڳرتا جي عنصر کي جيئرو رکندي قومي درد محسوس ڪري ٿو ۽ ان جو اظهار ڪري ٿو. هو پنهنجن نظمن کي ڌرتيءَ جي پيار سان وقف ڪندو ويو آهي.

جرم پاڻي جام اچا آ
خون رڳن ۾ آهہ گهڻو
ڪين ڪٿو آ هوئي ڪڏهين
ڪين ڪٿائي هي ئي سگهنديون
تنهن جون گوليون گهائن ڪن پر
ڪين قدم هي پٺتي هٽندا
مرندا ڪسندا هلندا رهندا
ڇاتيون تاڻيون سهندا رهندا
آخر هڪ ڏينهن هي گوليون تنهن جون
اثر وڃائي ويهي رهنديون
آخر منهنجو وارو ايندو
آخر منهنجو وارو ايندو.

ابراهيم جوئي صاحب شيخ اياز جي ڪتاب 'وڄون وسڻ آيون' جي مهاڳ ۾ لکيو آهي،

”قومون جڏهن پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ چاهينديون آهن، تڏهن پهريائين پنهنجيءَ ٻوليءَ کي سڃاڻينديون سمجهنديون آهن، ڇو تہ ٻولي ئي سندس سڃاڻپ جو اصل نشان ٿئي ٿي. هر قوم جي پنهنجي پيڙهائتي ٻولي آهي. اڏاري ٻوليءَ يا گاڏڙ ٻوليءَ تي هلندڙ قوم جي زندگي جڙتو ۽ کوکلي ٿئي ٿي. جيتري نبار ۽ نج ٻولي، اوترو ان قوم لاءِ پاڻ سڃاڻڻ سؤلو ۽ پنهنجي آزادي ماڻڻ آسان ٿئي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو تاريخ ۾ جڏهن بہ ڪنهن قوم پاڻ کي قوم سڏائڻ جي لائق سمجهيو آهي، تڏهن پهريائين ان پنهنجي ٻوليءَ کي جياريو آهي ۽ وڌايو آهي. توڙي جو سندس اها ٻولي سوين سال ڪم نہ آئي هجي، يا ان جو ادب کٽي ڪيترو بہ پوئتي پيل ۽ اڻپورو رهجي ويل هجي ۽ ان جا لفظ ڪيترا بہ ڪم ڪان نڪري ويل هجن يا رڳو اڻ پڙهيل جهانگين ۽ جهوپڙن ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ باقي وڃي بچيا هجن. ٻوليءَ جي پنهنجن لفظن ۾ جيڪا ڇڪ ۽ ويجهڙائي ٿئي ٿي ۽ سمجهہ پريل رهي ٿي، اها ڌارين لفظن ۾

ڪڏهن بہ ڪا نہ ٿي رهي، پنهنجا لفظ ڪٽي ڪيترا بہ خيالي دنيا جا هجن، پر اهي ڏٺل وائٺل دنيا سان لاڳاپيل رهن ٿا جيئن ڏارئين لفظ 'اتحاد' جي سامهون پنهنجو لفظ 'ٺهراءُ' آهي ۽ ائين ٻيا لفظ ۽ انهيءَ ڪري اهي نج پنهنجا لفظ ڳالهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻنهي ڪي هڪ سمجهہ ۽ هڪ سياءَ جي ڏور ۾ ٻڌي ڇڏين ٿا."

انيس انصاري پڻ هڪ ذميوار اديب ۽ ليکڪ وانگر پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي ۽ علم ۽ ادب جو اهڙو تہ پرچار ڪيو جو سندس تحريرون اڄ بہ حوالن جو درجو رکن ٿيون. هن پنهنجي اباڻيءَ ٻوليءَ ڪي وڌائڻ ۽ ان کي ترقي وٺرائڻ لاءِ قلم جو سهارو ورتو ۽ پنهنجيءَ ڪهاڻين وانگر پنهنجي شاعري ۾ بہ اهڙو ئي پيغام ڏنو، جنهن ۾ ديس جو درد ۽ اونو شامل هو.

هي ڪڙڪڙ جو عالم
مشينن جي دنيا
جتي هنر سستو
۽ ناڻو مهانگو.

تنهنجي خاطر خاڪ اُڏايم
تنهنجي خاطر چاڪ چڪايم
تنهنجي خاطر يار پيارا
تنهنجي خاطر ڪاڪ لُٽايم

تنهنجي خاطر فال وجهايم
تنهنجي خاطر چال چلايم
تنهن جي خاطر يار پيارا
تنهنجي خاطر حال وڃايم
تنهنجي خاطر تير سَهايم
تنهنجي خاطر نير وهايم
تنهنجي خاطر يار پيارا
تنهنجي خاطر پِير پُڄايم

تنهنجي خاطر ننڊ ڦِٽايم
تنهنجي خاطر يار پيارا
تنهنجي خاطر ڪنڌ ڪپايم

"ڪنهن بہ سماج، قوم ۽ ملڪ ۾ هڪ عظيم ۽ آدرشي قلمڪار جو

ڪردار ۽ موجودگي ڪنهن وڏيءَ وٿ جيان ٿي هُجي. سماجن ۾ عام فردن جو جنم افرادي قوت ۽ تعداد ۾ اضافي کان سواءِ وڌ ۾ وڌ اهو ئي ڪارج ۽ ڪردار ادا ڪري سگهندو آهي، جو سماج جي روايتي ڍارا جو حصو بڻجي، پنهنجي حصي جو ڪم سرانجام ڏئي سگهندو آهي، پر هڪ سرجڻهار ۽ آدرشي انسان پوري ملڪ، قوم، سماج ۽ ماڻهپي جو طرفدار ۽ داعي هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي وجود ۾ عملي ۽ انقلابي بہ هوندو آهي، انهيءَ ڪري عظيم ۽ آدرشي سرجڻهار نہ صرف ڪنهن هڪ ملڪ، ڪنهن هڪ قوم ۽ ڪنهن هڪڙي سماج جو سرمايو هوندا آهن، پر اهي عالمِ انسانيت جو املهہ اثاثو هجن ٿا. انهيءَ ڪري ئي سولزي نٽسن چيو آهي تہ هڪ سچو اديب هڪ حڪومت جي طاقت برابر هوندو آهي. ڪنهن بہ ملڪ ۽ قوم ۾ عظيم ۽ آدرشي انسان روز بروز پيدا نہ ٿيندا آهن. انهن جي جنم لاءِ ڌرتيءَ کي سالن ۽ صدين جا اوسيئڙا ۽ اوجاڳا ڪرڻا پوندا آهن. تاريخ ۽ تهذيب، امن ۽ آشتي، سندرتا ۽ سچ، محبتون ۽ آجپو انهن جي آمد لاءِ عرصي تائين منتظر رهندا آهن ۽ جڏهن انهن جو جنم ٿيندو آهي، تڏهن اهي نہ فقط پنهنجي دؤر جا ساکي ۽ سرواڻ بڻجي پيدا ٿيندا آهن، پر هو پنهنجيءَ ذات ۽ حيات ۾ ماضيءَ جي تاريخ ۽ تهذيب جو تسلسل، نئين ۽ روشن خيال فڪر جا ترجمان ۽ ايندڙ وقت جي حالتن جو ادراڪ ۽ احساس رکندڙ، اهڙا پُر دماغ ۽ پُر بصيرت پُرش ٿي اُڀرندا آهن، جن جو عمل ۽ ويچار نہ فقط پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ رهنمائيءَ ۽ راهہ جو مثال بڻجي پوندو آهي، پر انهن جي تخليقي صدا سمورين مظلوم قومن ۽ عالم انسانيت جي آواز ۽ احساس جي ترجمانيءَ جو حق بہ ادا ڪندڙ هوندو آهي. قومن ۽ سماجن جا اهي مُحسن فرد، پنهنجي وجودن ۾ سراپا سموند ۽ فڪري سرڪشيءَ جو نمونو هوندا آهن. هو پنهنجي دؤر جي رواجن، روايتن ۽ طئي ٿيل تربيتي سرشتي جي پيداوار ڪونہ هوندا آهن، پر هو پنهنجي ذات ۽ زندگيءَ ۾ خود ئي راهہ بہ هوندا آهن تہ روشني بہ، سُرت بہ هوندا آهن تہ سگهہ بہ، جاڳ بہ هوندا آهن تہ جولان بہ، جيت بہ هوندا آهن تہ جرئت بہ، مطلب تہ هو پنهنجي وجود جي قطري ۾ بحرِ بي ڪران جو محبوب مثال ٿيندا آهن. "

انيس انصاري استحصالي قوتن جو مخالف بہ هو تہ پوسٽ ماڊرن دور جي هاڃن سان پڻ نفرت ڪندڙ فنڪار هو.سندس نظم،

"هي ڪڙڪڙ جو عالم
مشينن جي دنيا
جتي هنر سستو
۽ ناڻو مهانگو.

هنن سٽن ۾ جتي پوسٽ ماڊرن دور جي هاڃن تي تنقيد ڪيل آهي، اتي ديس ڌڻيءَ جي پورهيت طبقي جو پڻ اونو آهي. توڙي جو ڪجهہ اديب ۽ شاعر پاڻ کي

جديد چوائڻ ۾ فخر محسوس ڪن ٿا ۽ پنهنجي تحريرن ۾ پڻ اهڙي نظرئي جي تبليغ ڪن ٿا. پر اصل ۾، "جديديت پسند اديب ۽ فنڪار سماجي ترقي جي نظام کي جامع نموني سان نہ محسوس ڪن ٿا ۽ نہ ئي ان جي جامع نموني سان عڪاسي ڪن ٿا. اهي حقيقت کي پنهنجي پاڳل ڪردارن جي ذريعي صرف جزوي ۽ سطحي طور پيش ڪن ٿا."

اها حقيقت آهي تہ پوسٽ ماڊرن دنيا ٽيڪنالاجي ۽ مشيني ماحول پيدا ڪري انساني آجپي ۽ سک چين لاءِ ڏچا پيدا ڪيا آهن ۽ استحصالي قوتون انسان کي هڪ وکر سمجهي ڪتب آڻي رهيون آهن.

"شاعر جي 'تحت الشعور جو هيجان'، جيڪو هن جي شعري تخليق جو فوري باعث بنجي ٿو، سو ڪو بي سبب ۽ ڪنهن سماجي خلا ۾ ڪونہ ٿو پيدا ٿئي. شاعر پنهنجي سماج سان واڳيل انسان آهي. ماضيءَ سان هن جو ڳانڍاپو ۽ مستقبل ڏانهن هن جي ذميواري ئي هن کي حال جي فرض شناسيءَ ۽ فرض ادائيءَ لاءِ تيار ڪري ٿي ۽ ان ڏانهن آماده ڪري ٿي. تخليقي ڪيفيت ۾، شاعر جي ذات جي اظهار لاءِ "گذريل واقعات رکيل انگوري شراب وانگر مدمستيءَ واري خوشبوءِ جو ڪم ڏين ٿا. سنڌ ۾ اسين رهون ٿا ۽ دنيا جي بساط اسان جي اڳيان موجود آهي. آزاديءَ جي راهہ ۾ ويٽنام جي بي مثل قوم جا بي مثال ڪارناما هنن ڏهن مهينن ۾ پنهنجي معجزه نما حد کي پهتا. هن ئي عرصي ۾ عالمي انقلاب جو شيردل سرويچ، چي گوئويرا، شهيد ٿيو. هابيل ۽ قابيل، بابل جو شهر، دهليءَ جو سرمد شهيد، جهانسيءَ جي راڻيءَ جو لاش، ٽيپوءَ جي ڪنڌ، مسدس حالي، شو جو ڪوڙو ناچ.

فطرت سان لڳاءُ فنڪار جي جڙ تہ موروثي ملڪيت آهي. فنڪار کي فنڪار بڻائڻ ۾ فطرت جو وڏو عمل دخل رهي ٿو. عام فرد ۽ فنڪار ۾ فرق اهوئي آهي تہ عام فرد سج کي توانائي، چنڊ کي روشني ۽ رات کي اونده، صبح، منجهند ۽ شام کي وقت جا اهڃاڻ سمجهي ٿو. جڏهن تہ شاعر نہ صرف فطرت جي مظهرن ۽ منظرن کي عام فرد وانگر اهڃاڻ سمجهي ٿو، بلڪ هو سج، چنڊ، ستارن، ڪنوڻ، گجگوڙ ڪڪرن، صبح، شام، رات، هوا، بارش، جهڪ، جهولن، زلزلن، آبشارن، دريائي وهڪرن، پکين، جانورن، ٻولين، گاهن، گسن ۽ گلن کي فطرت جي جلال ۽ جمال جا اهي اهڃاڻ ٿو سمجهي جن مان فطرت پنهنجي بيپناه سگهہ کي ظاهر ڪري ٿي. جن کي سمجهڻ جهڙو تہ فطرت جي عظيم اظهارن کي سمجهڻ آهي.

انيس انصاري پڻ اهڙوئي ڪلاڪار آهي، جيڪو فطرت جي بي انتها حسناڪين ۽ حسين جلون جو ساراهيندڙ هجڻ سان گڏ انهن بي مثال حسنا ڪين جو اظهاريندڙ پڻ آهي. ڪيرڙي تي ٻرڪيل ڪنڊ- روشن روشن پونم رات يا "اونده جي آ راڻي رات- نور نگر جو راڻو چنڊ" اهڙيون تہ اهم سٽون آهن، جن ۾ فطري

سونهن کي انتهائي اوج ۾ موج عطا ڪري اظهار ڏنو ويو آهي. سندس نظم ”چنڊ“ فطري سونهن جي نفيس ۽ لطيف اظهار جو اهڙو نمونو آهي، جنهن ۾ چنڊ جي روشنيءَ کي اهڙي طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي، جو ان مان خوشبوءِ ايندي محسوس ٿئي ٿي.

**چنڊ**

روپهرو هي سهڻو چنڊ
جيءَ تي جادو من تي منڊ
بيڙي گس تي تارن جوت
کيرٿريءَ تي ٻرڪيل کنڊ
روشن روشن پونم رات
تاريڪيءَ تي پاري ڏنڊ
عرشين فرشين نوري تار
ناهي روڙو ناهي رنڊ
مومن ڪافر پوڙهو ٻار
هر ڪو پائي پورو ونڊ
اوندهه جي آ راڻي رات
نور نگر جو راڻو چنڊ

انيس انصاريءَ جي شاعري حسين منظرن ۾ ماحول جو عڪس به آهي ته مڌ سان ڀريل پيالن ۾ رقص رندان جو پروانو پڻ آهي. داغستان جي ”اوار“ ٻولي جي وڏي شاعر ۽ دانشور رسول حمزا توف پنهنجي چونڊ نظمن واري ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي، ”شاعر جو ذاتي اظهار يا حسي تجربو، هڪ انمول خزاني جيان هوندو آهي. شاعر جيڪو حسي تجربو ماڻي ٿو، ان کي عام ماڻهن جي ملڪيت جاڻائيندي سندن حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. هو ذاتي تجربي کي عام ماڻهن جي ميراث بڻايو ڇڏي ٿو.“ ٻي پاسي شاعري بابت ڪروچي جو چوڻ هو، ”جيئن گل ٻوٽي کانسواءِ نٿو ڦٽي ۽ ٻوٽي لاءِ ضروري آهي ته ان جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ کتل هجن. اهڙي ئي ريت شاعري پڻ زندگيءَ کانسواءِ ممڪن ناهي. آرٽ جو لاڳاپو انسان جي روحاني وحدت سان آهي، جيڪا روحاني وحدت پنهنجو اظهار ڪندي آهي ۽ فرد پنهنجي هر سرگرميءَ ۾ روحاني وحدت مان ئي سگهه ۽ ساهس پرائيندو آهي.“

نغمگي ۽ رواني شاعريءَ جي فني جمال جو اصل حسن ۽ سونهن آهي. جيڪا انيس انصاريءَ جي شاعريءَ ۾ گهڻي ڀاڱي موجود آهي. توڙي جو بنيادي طور هو ڪهاڻيڪار هو پر سندس شاعري ۽ شاعريءَ تي گرفت ڏسڻ کانپوءِ ڪنهن کي گمان به نه ٿو ٿئي ته ڪو هو ڪل وقتي شاعر نه هو. انيس جي شاعريءَ ۾ لفظ آبشارن

وانگر وهندي نظر اچن ٿا. سندس حرف حرف محوِ رقص لڳي ٿو. لاشڪ هو مشاق شاعر هو. چاڪاڻ ته سندس شاعري هڪ پاسي علم ۽ هنر جو نمونو آهي ته ٻئي پاسي ان ۾ موجود فيلسوفياڻي جهت پڙهندڙ کي هڪ دم پاڻ ڏانهن مائل ڪري وٺي ٿي. ازل کان وٺي انساني معاشري ۾ حسن ۽ عشق جو سلسلو، وجداني ۽ وحداني سطحن تي، شاعريءَ جو موضوع پئي رهيو آهي. اهڙيءَ شاعريءَ جو اظهار هميشه پڙهندڙن توڙي ٻڌندڙن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪندو رهيو آهي. انيس انصاري پڻ رومانوي شاعري ۾ تجريديت ۽ جمال جي بدولت پنهنجي تخليق کي نئين رنگ، رمز ۽ آهنگ سان پري چڙهيو آهي. ۽ هن جي عشق جي سرڪشي، سونهن کي ڇڪي پاڻ ڏانهن ڪري وٺي ٿي. اهڙو غنائي ۽ رومانوي انداز شاعريءَ کي تخليقي جوهر بخشي ٿو ۽ شاعري وقت جون سرحدون طئي ڪرڻ جون صلاحيتون ماڻي وٺي ٿي. هو جڏهن به جنهن منظر ۽ ماحول ۾ ويو آهي، ان منظر ۽ ماحول کي چٽيءَ طرح بيان ڪري پين کي حيران ڪري ڇڏي ٿو.

حوالا:


1. A treasure of the world’s best loved poems, Crown publishers, New York, page. v
2. http://plato.stanford.edu/entries/hamann/
3. ماهوار سڳنڌ ڪراچي، ايڊيٽر، زاهد چامڙو، انٽرويو، تاج بلوچ
4. حوالو ساڳيو
5. David Macey: Dictionary of Critical Theory p-235
6. چوٽا تيل چنبيليا، مهاڳ، تاج بلوچ
7. ساڳيو حوالو